SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 1999

SINDH ORDINANCE NO.I OF 1999

سنڌ يونيورسٽي ۽ بورڊن جا امتحان (غلط ڪارين جو خاتمو) آرڊيننس، 1999

THE SINDH UNIVERSITY AND BOARDS EXAMINATIONS (ERADICATION OF MALPRACTICES) ORDINANCE, 1999

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. وصفون
Definitions
3. غلط ڪاري جي سزا
Punishment for malpractice

سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 1999

SINDH ORDINANCE NO.I OF 1999

سنڌ يونيورسٽي ۽ بورڊن جا امتحان (غلط ڪارين جو خاتمو) آرڊيننس، 1999

THE SINDH UNIVERSITY AND BOARDS EXAMINATIONS (ERADICATION OF MALPRACTICES) ORDINANCE, 1999

[16 جنوري 1999]

آرڊيننس جنهن ذريعي صوبي ۾ يونيورسٽي يا بورڊ جي امتحانن ۾ غلط ڪارين جو خاتمو ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ صوبي ۾ يونيورسٽي يا بورڊ جي امتحانن ۾ غلط ڪارين جو خاتمو ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ اسيمبلي جو سيشن هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن تحت سنڌ جي گورنر هينئون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ يونيورسٽي ۽ بورڊن جا امتحان (غلط ڪارين جو خاتمو) آرڊيننس، 1999 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

Short title and commencement

وصفون
Definitions

2. هن آرڊيننس ۾، جيستائين ڪجهه مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نه هجي، تستائين:

(a) "واهر ڪرٽ" کي اها معنيٰ هوندي جيڪا ان کي پاڪستان پينل ڪوڊ، 1860 ۾ ڏنل آهي.

(b) "جوابي ڪاپي" مطلب دستاويز جنهن ۾ جواب موجود هجن يا جواب جيڪي اميدوارن طرفان هڪ امتحان دوران امتحان جي مقصد لاءِ سوالي پيپر ۾ موجود سوالن بابت ڏنا ويا هجن، ۽ ان ۾ شامل آهي جوابي ڪاپي جو ڪو حصو.

(c) "بورڊ" مطلب ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊ ۽ جنهن ۾ شامل آهي قانون موجب قائم ڪيل بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن؛

(d) "اميدوار" مطلب هڪ شخص جنهن داخلا لاءِ درخواست ڏني هجي يا امتحان ۾ ويٺو هجي؛

(e) "ملازم" مطلب يونيورسٽي يا بورڊ ۾ مستقل يا عارضي طور يا ڪانٽريڪٽ بنيادن تي ملازمت تي رکيل ڪو شخص، پوءِ اهو مفت ۾ هجي يا معاوضي تي هجي؛

(f) "امتحان" مطلب يونيورسٽي يا بورڊ طرفان سرٽيفڪيٽ، ڊپلوما يا ڊگري ڏيڻ لاءِ اميدوار جي پرک جي مقصد لاءِ استعمال ڪيل طريقو، جيئن معاملو هجي؛

(g) "ممتحن" مطلب يونيورسٽي يا بورڊ طرفان امتحانن وٺڻ جي مقصد لاءِ مقرر ڪيل شخص ۽ جنهن کي اميدوار جي جوابي ڪاپي چڪاسڻ جو اختيار حاصل هوندو يا اميدوار جي اهليت لکت يا زباني امتحان ذريعي جاچيندو ۽ ان

کانپوءِ مارکون ڏيندو ۽ جنهن ۾ شامل آهي اهڙي ممتحن طرفان مارکون ڏيڻ جو معيار چڪاسڻ لاءِ مقرر ڪيل ڪو شخص؛

(h) "مرڪز" مطلب يونيورسٽي يا بورڊ طرفان امتحان منعقد ڪرڻ لاءِ بيان ڪيل هنڌ يا جوابي ڪاپين جي چڪاس جو هنڌ، جيئن به معاملو هجي؛

(i) "وقت کان اڳ پڌرو ٿيل سوال يا سوالي پرچو" مطلب ڄاڻايل طريقيڪار موجب اميدوار کي ملندڙ سوالي پرچي مان ڪو سوال يا ڪي سوال پڌرا ٿيڻ؛

(j) "سوالي پرچو" مطلب دستاويز جنهن ۾ سوال موجود هجن يا امتحان جا سوال جن جو اميدوار کي جواب ڏيڻو آهي؛

(k) "سپروائيزري اسٽاف" مطلب يونيورسٽي يا بورڊ، جيئن معاملو هجي، انهن طرفان امتحانن جي سلسلي ۾ مقرر ڪيل اسٹاف؛

(l) "يونيورسٽي"مطلب قانون تحت قائم ڪيل يونيورسٽي.

غلط ڪريءَ جي سزا
Punishment for malpractice

3. جيڪو به ڏوهي هوندو:

(i) وقت کان اڳ سوال يا سوالي پرچي جي پڌرو ٿيڻ جي يا ان سلسلي ۾ ڪا ڪلاسيفائيڊ معلومات تہ اهڙو سوال يا سوالي پرچو لکت يا زباني امتحان لاءِ تيار ٿيڻو آهي يا تيار ڪيو ويو آهي، يا

(ii) داخلا فارم ۾ غلط ڄاڻ فراهم ڪرڻ يا امتحان سان لاڳاپيل ڪنهن ٻئي ڪاغذ ۾ غلط ڄاڻ ڏيڻ، يا

(iii) سوالي پرچي جو ڪو به حصو حل ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ يا ڪا مدد حاصل ڪرڻ يا ڪنهن ٻئي اميدوار کي پنهنجي جوابي ڪاپي مان نقل ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ يا پاڻ ايئن

ڪرڻ، يا

(iv) اميدوار کي طئي ٿيل وقت پورو ٿيڻ کانپوءِ به ڪو سوال يا سوالي پرچو حل ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ،

(v) غير قانوني طور تي سڃي جوابي ڪاپي يا ڪاپي جو ڪو حصو امتحاني مرڪز کان ٻاهر ڪڍي ويڃ، يا

(vi) امتحاني ڪاپي يا ان جي ڪنهن حصي جي مٽا سٽا ڪرڻ،

(vii) ڪنهن اميدوار کي ممتحن طرفان بددياننتي سان وڌيڪ يا گهٽ مارڪون ڏيڻ،

(viii) ڪنهن اميدوار کي ممتحن طرفان ڏنل مارڪن ۾ بدنيانتي سان ڪنهن دستاويز ۾ وڌيڪ يا گهٽ مارڪون ڏيڻ، جيڪڏهن ايئن ڪندڙ شخص ممتحن کانسواءِ ڪو ٻيو آهي، يا

(ix) ڪنهن اميدوار کي امتحان دوران سوالي پرچي ۾ شامل ڪنهن سوال جو جواب فراهم ڪرڻ يا امتحان دوران جيڪو سوال رکيو ويو هجي يا رکيو ويڃو هجي، يا

(x) ڪنهن سرٽيفڪيٽ يا يونيورسٽي يا بورڊ جي ٽيبوليشن، رجسٽر يا ٻئي ڪاغذ يا رڪارڊ ۾ ڦير ڦار ڪرڻ، تبديلي ڪرڻ، مٽا سٽا ڪرڻ يا ڍاهه ڏوهه ڪرڻ، يا ڪنهن به طريقي سرٽيفڪيٽ، ڪاغذ يا رڪارڊ استعمال ڪرڻ يا استعمال ڪرڻ جو سبب بڻجڻ، ڇاڪاڻ ته ان ۾ ايئن ڦير ڦار ڪئي، تبديلي ڪئي، مٽا سٽا ڪئي يا ڍاهه ڏوهه ڪئي وئي آهي، يا

(xi) امتحاني پرچن، امتحاني ڪاپين، ممتحن، امتحان منعقد ڪرڻ، فرضي رول نمبرن، امتحانن جي نتيجن يا ان

سان لاڳاپيل ڪا بي معلومات ڏيڻ يا حاصل ڪرڻ؛

(xii) سرڪاري امتحاني نتيجن کي امتحاني ڪاپين جي بدلي، ڦير ڦار، مٽا سٽا سان غلط ڪرڻ يا يونيورسٽي يا بورڊ طرفان سنياليل رڪارڊ کي غلط ڪرڻ، يا

(xiii) امتحاني مرڪز تي امتحانن يا امتحاني ڪاپيون ورهائڻ ۾ ڪنهن به طريقي رڪاوٽ وجهڻ، يا

(xiv) ڪنهن امتحاني مرڪز جي انچارج ڪنهن شخص تي حملو ڪرڻ يا ڌمڪيون ڏيڻ يا امتحانن سان لاڳاپيل ڪنهن ٻئي شخص تي حملو ڪرڻ يا ڌمڪيون ڏيڻ، امتحانن جي سلسلي ۾ ڪو فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ، يا

(xv) ڪنهن امتحان دوران، امتحان جي نتيجن جي پڌرائي يا پيپرن جي مارڪن، يا امتحانن سان لاڳاپيل ڳجهي معلومات لاءِ ڪنهن ملازم کي ڪرپشن ۽ بدديانتي سان رسائي ڪرڻ يا اثرانداز ٿيڻ،

(xvi) ڄاڻايل طريقيڪار سان ٽڪراءَ ۾ امتحاني ڊيوٽي نياڻڻ لاءِ سپروائيزري اسٽاف طور مقرري ڪرڻ يا مقرري ڪرائڻ؛

(xvii) امتحان دوران حقيقي اميدوار جي بدران اميدوار طور حصو وٺڻ؛

(xviii) ڪنهن غلط مقصد لاءِ، يونيورسٽي يا بورڊ طرفان الاٽ ڪيل مرڪز بدران ڪنهن ٻيءِ مرڪز تي امتحان وٺڻ، يا

(xix) مٿي ڄاڻايل ڪمن مان ڪو به ڪم ڪرڻ يا ان لاءِ واهر ڪرڻ؛

ان تي قيد جي سزا ڏني ويندي، جنهن جو مدو ٽن سالن تائين وڌي سگهي ٿو يا ڏنڊ جيڪو هڪ سئو هزار رپين تائين وڌي

سگھي ٿو يا ٻئي گڏ. پر جيڪڏهن جتي ڏوهه ڪندڙ اميدوار آهي تہ ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي جيڪا هڪ سال کان وڌيڪ نہ هوندي يا ڏنڊ جي سزا جيڪا پنجاهہ هزار رپين کان وڌيڪ نہ هوندي يا ٻئي گڏ.

4. ڏوهن جي شڪايت

هن آرڊيننس تحت ڪو ڏوهہ رپورٽ ٿيڻ تي، فقط پوليس طرفان ازالي لائق هوندو يا يونيورسٽي جي سلسلي ۾ يونيورسٽي جي رجسٽرار يا سنڊس طرفان لکت ۾ ان سلسلي ۾ بااختيار بڻايل يونيورسٽي جي ٻئي ڪنهن عملدار طرفان،۽ بورڊ جي سلسلي ۾ ڏوهہ جي صورت ۾ بورڊ جي چيئرمين يا اهڙي ٻئي عملدار طرفان جيڪو ان طرفان لکت ۾ اهڙي ڏوهہ لاءِ بااختيار بڻايو ويو هجي ۽ اهڙو ڏوهہ قابل ضمانت هوندو.

5. اڻ شايع ٿيل رڪارڊ مراعت يافتہ دستاويز هوندا

ڪو بہ ملازم يونيورسٽي يا بورڊ جي اڻ شايع ٿيل رڪارڊ سان لاڳاپيل ڪنهن حقيقت جي شاهدي نہ ڏيندو يا اهڙي يونيورسٽي يا بورڊ جي معاملن سان لاڳاپيل ڪو بہ ڪاغذ پيش نہ ڪندو سواءِ يونيورسٽي رڪارڊس جي صورت ۾ وائيس چانسيلر کان اڳواٽ لکت منظوري جي يا يونيورسٽي جي رجسٽرار ۽ بورڊ جي رڪارڊس جي صورت ۾ چيئرمين، جيئن معاملو هجي، ڏيندو يا ان کي ان سلسلي ۾ اجازت جي صوابديد حاصل هوندي.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.